# آخرين فيصلو

ارڙهن مومبتيون هڪ ڦوڪ سان وسائڻ آسان ڳالهه ته ڪانه هئي ۽ مشڪل حل ٿيندئي، حاضرين سڪين سگن ڪان اوچتو تاڙيون نه وڄن سومبه ته ممڪن نه هو. سارو وايومنڊل ريڊيو جي انگريزي ڌنن سان پرجي پرجي تاڙين سان ڦهڪجي مهڪجي جهومي اٿيو. سيتا پنهنجي ارڙهن سالن جي سڪيءَ ڪي پنيءَ تي ڌڪ هڻي چيو، ”ڪمال ڪي سري؟ سريءَ ڪي پنيءَ تي ڌڪ هڻي چيو، ”ڪمال ڪيءِ سري؟“ سريءَ ڪيس پاڪر پهڻي ڳل چمي ڪٽي ڪيڪ ٽڪر وات ۾ وڌو. سيتا ڳل مهٿيندي جو مٿي نظر ڪئين، اوهه! سرلا جو مگيتر نلي پريم جي هار هاران ڪري رهيو هو سرلا تي. سيتا محسوس ڪيو، سندس ٿيٽيهن سالن جي ارمانن مٿان ڌنل ٿاڪا ڻئين ادڙي پيا هئا جئن ڪنهن غريبڙيءَ جي جوان جسم تي پراڻي ڪپڙي جا ڳنڍ. آيل مهمانن ڪيترا چرچا ڪيا. هر چرچي تي سيتا ايترو ڪلي جيترو ڪير نه ڪليو، مگر ان ڪل هيٺان جيڪو جهوريندڙ رودن هو، اهو سرلا جي وڏوا ماءُ ڪيڻئين ٿي لڳو جئن مرٽينگه پراڻيءَ جي آخرين سرهڻيءَ واري ڦڙتي!

هئه مئه ٿڙي ته پتليءَ چيو، ”سيتا! تون اڄ هتيئي ٽڪي پئه“ سيتا جي انگه انگه مان پيار جو نشو ٿي ٽپڪيو. لهرئي چيئين، ”توهين ٽڪجي پيا آهيو نه ديدي؟“

”نه مئي، انڪري نه ٿي چوان تو ته مونکي اڄ ٽڪجڻ ڏنوئي ڪينهي، چوري! الاجي ڪهڙا اهي ڀاڳه وارا هوندا جن جي گهر ۾ ويندينءَ.“

”ڀاڳه وارا!!“ سيتا چوطرف پکڙيل ڪاڏي پيتي جي شين، پتين تي لهرئيندڙ ڦوڪڻن، جهاڙ ۾ لڏندڙ پني جي فانوسن،ڻئل پيننٽس سبب چمڪندڙ پتين طرف ڏٺو ۽ ڪلي ڪلي اوچتو روئي پيئي.

پتليءَ چيو، ”الاجي روئين ٿي ڪي الاجي ڪلين ٿي.“

سيتا سندس پير ۾ ويهي منهن ڪٽي سندس ڪلهي وٽ رکيو. پتليءَ دل جي

هن ڪيفيت کي خوب ڄاڻو ٿي. گگن تيستائين جو ننڍڙو ڪِڏڻ ڏسي وڃ پهرين ته وراڪو آٽيو ڇڏي پر اها ورهٽي ڪڏهن ڇاتيءَ تان پلئه لاهي، نڇي نڇي ساٽي ٿيندي آهي، تڏهن ساري ڪائنات سندس رودن ڏسي غمزده ٿي پوندي آهي.

پتليءَ سندس مٿو چمي چيو، ”سيتا ڌيءَ، ڏسج ويهي، سڀئين ڪيئن ٿو ننڍين کي چندي. هڪ ڏينهن تنهنجو اهو پاڳه ورندو جو ڏسندڙ ڏسندئي رهجي ويندا!!“

سيتا ڳوڙهن تر اکين سا ڪلي روئندي رهي هئي ۽ ڏسي رهي هئي پتليءَ کي، جا ڪلئس حد ۾ حد ڏهه سال وڏي هوندي. سيتا جي ان روئندي ڪلڻ وارين نگاهن ۾ هڪ سوال هو، ”چا! ديدي پيئو جيئري تي جيئري شادي ڪئيبس ان لاءِ ته منهنجي راهه ۾ سندس ڪرم هڪ مئتسبڻجي پئجي رهي؟ پلا اهو ڪٿي جو انصاف آهي؟ جو هڪ جو ڪيوبيو ڪوئي لوڙي!“

پتليءَ چيو، ”تون جيڪي زبان سان نه ٿي چوين، سو مان سيسبڌان پيئي پر مني هنبي... سمجهه دنيا اڳيان منهنجو ته وسئي ڪونه ٿو هلي...“

اوچتو سرلا ڪنن ۾ جهومڪ لوڏئيندي چيو، ”ممي هي ڏس ڪيئن ٿا لڳن؟“

”ڪنهنجي پريزنٽ مان نڪتا؟“

”ڪنهنجيبه“ سرلا ڳاڙهي ٿي ويئي. مرڪ سندس ڳلن وارين ڪڏن ۾ ٽاڪجي پيئي ۽ هوءَ هيرن جا جهومڪ لڏئيندي وڃي آرسي وٽبيٺي.

پتليءَ ڪيس ڄاڻي واڻي نظرانداز ڪري ڇڏيو. سيتا کي چيئين، ”ارڙهن سال بہ ڪا عمر آهي شاديءَ لاءِ؟ هيءَ وهي ته اصل ڇري وهي آهي، رڳو مٽيا، ڪپڙا ۽ تيل ڦليل پيا وڻن؟ سچي وهي ته سچ پچ پوءِ آهي جڏهين ڇوڪر گهوٽ کي پنهنجو ويجهي ۾ ويجهو ملئٽ سمجهندي آهي. هنجي پيار کي پلئيبيا سپ دکه مئي پلجي ويندي آهي.“

سيتا انهنئي ساڳين سمجهدار وڏين اکين سان پتليءَ طرف ڏسندي مرڪندي رهي. طوفان موٽ ڪاڏي هئي پر ڪڪه پن اجلبه رڙهيا پئي.

پتليءَ چيو، ”ڪرم جي ٿي ڳالهه ڪرين ته منهنجي ڏيروٽ جي جو زوال مري ويئي آهي ته ڇئيه اهو ڪرم هيترا معصوم ڇو ٿا پوڳين؟“

منوءَ جي شڪل سيتا جي اکين ۾ لهي ملئي. هيترو ناهوڪو جوان پر اف سندس ٽنهارن جي پيءُ هجڻ جو گرهڻ!

سيتا چيو، "ديدي اڄ ٿورو ڪلي ڳالهايان ٿي تبي لڳي ته نه سمجهندا؟"

"نه مٺي مون کهڙو ڪڏهن توکان پاڻ لڪايو آهي؟ تون آهين ئي اهڙي سگهڙ جو ڪنهنجيءَ دل تائين ۽ دل جي هر ڀيد تائين پهچيو وڃين."

سيتا هٿ کڻي پتليءَ جي هٿ مٿان رکيو ۽ آهستي ڌيمي چيائين، "ديدي توهانجي منوءَ کي ٽنهارن جي پيءُ ٿيڻ جو گرهڻ لڳل آهي ۽ مونکي ٻن زالن واري پاءُ جي پيڻ هجڻ جو گرهڻ لڳل آهي."

پتلي انهنٻن گرهڻن جي ڀيد کي سمجهي خوشيءَ مان سيتا جا ڪلها پڪڙي چيو، "سچ!"

"ها سچ!"

پتلي ان رات ڪيتري خوش هئي، سو شايد سندس ڏيءَ سرلا کان وڌ ڪوئي نه ٻڌائي سگهندو. ڪيتري رات گذرڻ ئي ٻئي ماءُ ڌيءُ فقط سيتا جون ئي ڳالهيون ڪنديون رهيون.

ماءُ چيو، "سيتا کي جيڪوٻارن سان موهه آهي، سو مون ڪنهن ٻه ڪنواريءَ ڇوڪريءَ ۾ نه ڏٺو آهي."

ڌيءُ چيو، "مامله چا ته خوش ٿي ويندو."

پري کان ٻئين جي ڪنجهن ۽ دهلڙيءَ جي آواز سان گڏ فتوا ملئي، ٻئول سياور رامچندر ڪي جئه.

ماءُ چيو، "اسانجو منو ڪو سيتا کان وڏو ٿوروئي آهي، فقط ڏيڍ سال جو فرق آهي."

"اسان سنڌين ۾ اها مصيبت ڪاڏي ڏيتي ليتي نه هجي ها ته سيتا وري هيڏي عمر تائين ٿوريئي ويٺي هجي ها."

"ها تڏهن وري ڇا؟ گهٽ ۾ گهٽ ڇئنٻارن جي ماءُ ته هجيئي هجي ها."

ٿورو ترسي چيائين، "وقتي نه هجي ها،سيتا هر ڳالهه ۾ سياڻي آهي. منوءَ

هانگ ڪانگ گهمي ايندا سين."

سيتا جي من جي مور ميءَ جو ڊڪ پريو. ڪيس ساريءَ بدن تي ننڍلان ۾ سلڪ جون ساڙهيون ترڪنديون محسوس ٿيون. هوڪي جهاز مان انهن جا پلئه هيٺ جهان کي ڏاڏا ڪندا محسوس ٿيا. پر من کي چموٽو وجهي جهلي ڇڏيائين. "پلا خوشيءَ ڪڏهين ڪنهنکي ملي آهي!"

هن پنهنجو هٿ اڳيان پيل ميز تي سڌو ڪري رکيو. اچو هٿ ڪاري شيشي مٿان ڀهڪيو پئي، سيتا جي من مور ناچ بند ڪري چيو پلا هن هٿ جي سونهن جي ته ڪجهه ساک ڪر منو!

ليڪن منو مٿي پنيان ڀنهي هٿن جي آگرين کي ڦاسائي، پري ڏسندي ڏاڍو ويچار سان چيو، "سچ ته سيتا، مان به ڪوئي گهرگهلو ماڻهو ناهيان. مان شايد هونءَ وري شادي اصل نه ڪريان ها، پر ٻارن جو ملئيندو ٿو سوچيان ته مونکي بس ناامیدي ويڙهي ٿي وڃي."

سيتا جي من جو مور پنهنجي پيرن ۾ ڏسڻ لڳو جهراليون سندس جيءَ کي ويڙهي ويئون.

"مان توهانکي وشواس ٿي ڏياريان، ته مان توهانجي ٻارن کي ڪڏهن خواب ۾ به محسوس ٿيڻ نه ڏيندس ته مان کو سندن ماٽيجي..." وڏيڪ سندس ڪنوارن چپن مان نه نڪري سگهيو،

"بس بس مونکي اهڙي خاطري کپندي هئي. وڌيڪ مونکي ڪجهه نه گهرجي. مون توکي ٻڌايو ته مان شاديءَ ئي انڪري ٿو ڪريان جو ٻار نه دکي ٿين" منو اٿي کڙو ٿيو... سيتا جي من مور اکين مان موتي ڪيرائي وڌا.

منو واري ڪرسي خالي پيئي هئي، منو رنڌڻي ۾ پتليءَ کي خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ هليو ويو هو. سيتا اڪيلي وڏي ڪمري ۾ ٻتين جي لکين روشنين هيٺان وينل پنهنجي وجود جو تصور ڪيو ۽ نظر مٿي ڪنيائين ته سامهون وڏيءَ آرسيءَ ۾ پنهنجو گول مکڙي وارو سندر آڪار ڏٺائين. آرسيءَ اندران مومل جي جهڪي پڪار سندس ڪنن ۾ پهچي ويئي، هوءَ ڪاڪ محل ۾ ويٺي پڪاري رهي هئي، اهڙي انسان لاءِ جو اچي سرير مٿان سونهن جي پوش جو طلسم ڊاهي ڦٽائي،

سندس آتما جي تهه تائين پهچي سگهي. مگر ”اف“ چئي ڏکهو نراس ساهه لاهيندي سيتا محسوس ڪيو، چڪوريءَ اڄ لڳڻ مهل اپ کي پاڻي جاڻي منجهس ڇهنب هڻين ته سهين پر پاڻي هو ڪٿي!

گهر ۾ جڏهن ٻن استرين جي پتيءَ پاءُ صاحب پنهنجي پيڻ سيتا کي سمجهايو هو ته، ”چري نه ٿي، پنهنجو ٻليدان نه ڪر. تيٻار تو لاءِ اڳ ۾ئي رکيا هجن ته آيا ٿي ان گهر ۾ گهڙنديءَ ٻيو ڪنوار ٿي ته ڪانه گهڙنديءَ.“

ان مهل سيتا ڪڙڪ ٿي چيو هو، ”پاءُ  تومه ته پنهنجي شاديءَ ۾ مونکان صلاح نه ورتي هئي، پوءِ صلاح ڏيڻ  جي فراخدلي  ڇا لاءِ؟“

مگر هينئر سيتا محسوس ڪيو پاڻ جا ڇهنب چوڳي جي ڪوچ ۾ شيشي تي هڻين هئائين اها ڇنهنب خود سور ڪرڻائي رهي هئي.

ساري راتبستري تي زخميل تتر جيان ڦتڪي ڦتڪي صبح جو سويل شو تي لوٿي وجهي، سيتا، پتليءَ جو درد اچي ڪڙڪايو، ”ديدي هڪ ڳالهه چوڻ ٺئي آهيانٻڌو ديدي! مونکي توهانجي منوءَ جون سڀ ڳالهيون وٽيون پر هڪ شرط منهنجوبه مڃڻجوس، هو شادي ته فقطٻارن لاءِ ٿو ڪري، ته پوءِ چو نه سندس نديڙي ڇهن مهنن جيٻار کي پالي، پنجن سالن جو ڪريان. تيستائين هو مونکي ڇهيبه نه.“

پتليءَ جي هٿ مان چانهه جو ڪپ ٿڙڪي ويو. ٿورو سوچي چيائين، ”ڇڏ اهي ٻاراٽيون ڳالهيون!“

”ٻاراٽيون ڳالهيون ناهن ديدي، اهو منهنجو آخرين فيصلو آهي.“

”آخرين فيصلو؟ چري نه ٿيءُ.“

”ديدي سومان جي اهائي تقاضا آهي.“

”ناري ۽ سومان!... انلاءِ هيءَ دنيا قلبل ناهي سيتا! انلاءِ هڪبي دنيا رچڻي پوندين.“

”پر منهنجو هيءُ فيصلو سندس ڪنن تي ضرور پهچڻ کپي.“

”سو ته تون چئي آهين. چڱو چيچلائيندسانس. سندس هيءَ مٿي جي ڦيري،

هي نند ڦٽڻ، هي ٿڌي پٽ تي سمهڻ سيبارن لاءِ لڳو اٿس؟ مانس چگوءِي پچنديسانس پر پڳوان جي نالي، تون اهو آخرين فيصلو رڳو لفظن تائين محدود رکج، سمجهئہ؟ چوندي ڳل ۾ چموٽو پائي ڪڍيائينس.